

رضي الله تعالیٰ عنه

# صديقِ اڪبر جو عشقِ رسول

هفتيوار سُنتن ڀريي اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنتن ڀريو بيان



اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# صديقِ اڪبر جو عشقِ رسول

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ اللهِ     وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ اللهِ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ اللهِ     وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ اللهِ

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري وٺندا ڪريو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب حاصل ٿيندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرودِ پاڪ جي فضيلت

حضرت سَيِّدُنا ابُو هُرَيره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا تہ نُور جي پيڪر، سيني نبين جي سَرْوَر صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ دلنشين آهي: مَنْ قَرَاَ الْقُرْاٰنَ وَحَمِدَ الرَّبَّ وَ صَلّٰى عَلَى النَّبِيِّ(صَلَّى اللهُ عَلَيه وَسَلَّمَ )وَ يَسْتَغْفِرُ رَبَّهٗ فَقَدْ طَلَبَ الْخَيْرَ مَكَانَهٗ يعني جنهن قرآنِ شريف جي تلاوت ڪئي، رَبّ تعالىٰ جي حمد بيان ڪئي، نبي(صَلَّي اللّٰه تَعَالٰي عَلَيه وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) تي دُرُود شريف پڙهيو ۽ پنهنجي رَبّ عَزَّ وَجَلَّ کان مغفرت طلب ڪئي تہ ان ڀلائي کي پنهنجي جڳهہ تان ڳولهي ورتو.

(شعب الايمان،باب فی تعظيم القرآن،فصل فی استحباب ...الخ، ٣٧٣/٢،حديث:٢٠٨٤ ).

اَمِيرُ الْمُؤمنين حضرت سَيدُنا ابُوبڪر صدّيق رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ اِرشاد فرمايو: نُور جي پيڪر، تمام نبين جي سَروَر صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي دُرودِ پاڪ



www.dawateislami.net

پڙهڻ، گناهن کي ان کان وڌيڪ متائيندو آهي، جيترو پاڻي باهه کي وسائيندو آهي، ۽ ٻنهي جهانن جي تاجور، سُلطانِ بحر و بر صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تي سلام موڪلڻ، غلامن کي آزاد ڪرڻ کان افضل آهي ۽ حضور نبي پاڪ، صاحبِ لولاڪ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان محبت ڪرڻ،غلامن کي آزاد ڪرڻ کان به وڌيڪ افضل آهي. (ڪنزالعمال،ڪتاب الاذڪار،باب في الصلوة عليه صلي الله عليه وسلم، الجزء الثاني الحديث 3979،ج1،ص117)

دُکھوں نے جو تم کو گھیرا ہے تو دُرود پڑھو　　جو حاضری کی تمنّا ہے تو دُرود پڑھو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!　　صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري ونون ٿا.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي. (المعجم الڪبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻه مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.

(2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجهه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اُٺڪڻ کان بچندس ❁



www.dawateislami.net

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! اُذْكُرُوالله , تُوبُوا اِلَی الله! وغيره بڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## بيان ڪرڻ جون نِيّتون

آئون بہ نِيّت ڪريان ٿو ❁ الله جي رِضا حاصل ڪرڻ ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ بيان ڪندس ❁ ڏسي بيان ڪندس ❁ سيپاري 14 **سورة النحل** آيت نمبر 125: اُدْعُ اِلٰى سَبِيْلِ رَبِّكَ بِالْحِكْمَةِ وَ الْمَوْعِظَةِ الْحَسَنَةِ "ترجمو ڪنزالايمان: پنهنجي ربّ جي واٽ جي طرف سڏ پڪي سمجهہ ۽ چڱي نصيحت سان" ۽ بخاري شريف (حديث:4361) جي هن فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: بَلِّغُوْا عَنِّيْ وَلَوْ آيَةً يعني "منهنجي طرفان پهچايو جيتوڻيڪ هڪ ئي آيت هجي" ۾ ڏنل احڪام جي پيروي ڪندس ❁ نيڪي جو حڪم ڏيندس ۽ بُرائي کان منع ڪندس ❁ شعر پڙهڻ، عربي، انگريزي ۽ ڏکيا لفظ ڳالهائڻ دؤران دل جي اخلاص تي توجُّهہ رکندس يعني پنهنجي علميت جو ڌاڪو ويهارڻ مقصود ٿيو تہ ڳالهائڻ کان بچندس ❁ مَدَني قافلي، مَدَني انعامات ۽ علاقائي دوره براءِ نيڪي جي دعوت وغيره جي رغبت ڏياريندس ❁ ٺهڪ ڏيڻ ۽ ڏيارڻ کان بچندس ❁ نظر جي حفاظت بڻائڻ جي خاطر حتي الامڪان نگاهون جهڪائي رکندس.



www.dawateislami.net

## صديق جي لاءِ آهي خداءِ رسول بس!

دعوتِ اسلامي جي اِشاعتي اِداري مکتبةُ المدينہ جي شايع ٿيل 719 صَفحن تي مُشتمل ڪتاب ”فيضانِ صِدّيقِ اڪبر“جي صَفحي 269 تي آهي تہ اللهعَزَّوَجَلَّ جي پياري حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صحابہٴ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان کي اِرشاد فرمايائون: پنهنجو مال راهِ خدا ۾ صَدَقو ڪيو. هن فرمانِ عاليشان تي عمل ڪندي صحابہٴ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان توفيق مطابق، پنهنجو مال راهِ خُدا ۾ تَصَدُّق (يعني صَدَقو) ڪيو. حضرت سَيِدُنا عُثمان ذُوالنُّوَرَين رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ ڏھ هزار (10،000) مُجاهدن جو سازوسامان تَصدُّق (يعني صَدَقو) ڪيو ۽ ڏھ هزار (10،000) دينارخرچ ڪيا، هن ڪان علاوه نوسو(900) اُٺ ۽ سو (100) گهوڙا سازوسامان سميت فرمانِ رسول تي لَبَّيڪ چوندي پيش ڪري ڇڏيا.[1] حضرت سَيِدُنا عُمر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمائن ٿا: مون وٽ بہ مال هو، مون سوچيو تہ اَمِيرُ المؤمنين حضرت سَيِدُنا ابُوبکرصِدّيق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ هر ڀيري ان مُعَامَلات ۾مون ڪان سَبقَت(يعني بَرتَري) وٺي ويندا آهن، هن ڀيري مان وڌ ڪان وڌ مال صَدَقو ڪري انهن ڪان سَبقَت (يعني بَرتَري) وٺي ويندس، پوءِ اهي گهر ويا ۽ گهر جو سمورو مال گڏ ڪيو ۽ ان جا بہ حصا ڪيا، هڪ حصو گهروارن جي لاءِ ڇڏيو ۽ ٻيو حِصّو کڻي بارگاهِ رِسالت ۾ پيش ڪري ڇڏيو. سرڪارِ نامدار، مديني جي تاجدار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اِسْتِفْسار(اِس.تِف.سَار) فرمايو: اي عُمَر! گهروارن جي لاءِ ڇا ڇڏي آيا آهيو؟ عرض ڪيو: يارَسُوۡلَ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اڌ مال گهروارن جي لاءِ ڇڏي آيو آهيان. ايتري ۾عاشقِ اڪبر اَمِير المُؤمنين حضرت سَيِدُنا ابُوبڪر صِدّيق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ پنهنجو مال وٺي بارگاهِ رسالت

---

[1] ...سيرت حلبية،باب ذکر مغزيه،غزوة تبوڪ،۳/۱۸۴



www.dawateislami.net

۾ھن طرح حاضر ٿيا جو پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ ھڪ بالڪل سادي قَبا (يعني ھڪ قسم جو اڳيان کان کليل ڪوٽ يا اَچڪن) پاتل ھئي جنھن تي ٻبر (يعني ھڪ خاردار وڻ) جي ڪنڊن جا ٻٽڻ لڳل ھئا .اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ جي مَحبُوب، داناءِ غُيوب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ کي ڏسي نھايت خُوش ٿيا ۽ اِسۡتِفۡسَار فرمايو: اي ابوبڪر!گھر وارن جي لاءِ ڇا ڇڏي آيوآھين ؟

بس! مَحبُوب جو اھو پڇڻ، ڇڻ عاشقِ صادِق جي دل عشق ومَحَبَّت جي مھڪ سان جُھومڻ لڳي، ھڪدم اھو سمجھي ويا تہ ڳالھ ڪجھ ٻي آھي جوتہ مَحبُوب کي خبر آھي تہ منھنجي عاشقِ صادِق تہ ان وَقت بہ پنھنجي جان، مال، آل، اَولاد سڀ ڪجھ قُربان ڪري ڇڏيو ھو، جڏھن مَڪ مُڪرَّمَہ زَادَھَا اللّٰہُ شَرَفًاوَّتَعۡظِیۡماً ۾ حمايت ڪرڻ وارا نہ ھئڻ جي برابر ھئا، بلڪ اڪثر ماڻھو تہ جاني دُشمن بڻجي ويا ھئا ۽ مَحبُوب جي ڪلام کي چو نہ سمجھن ھا، ھي تہ عاشق ھا جيڪي ھروقت ھن موقعي جي تلاش ۾ رھندا ھئا تہ بس مَحبُوب ڪجھ گُھرن تہ سَھي! سڀ ڪجھ قدمن ۾ آڻي قُربان ڪري ڇڏيان (۽ ائين عرض ڪيان تہ):

کیا پیش کریں جاناں کیا چیز ہماری ہے　　　یہ دل بھی تمہارا ہے یہ جاں بھی تمہاری ہے

ھي تہ اھي عاشقِ صادِق ھئا، جنھن ڪڏھن بہ پنھنجي مال کي پنھنجو سمجھيو ئي نہ ھو، بلڪ جيڪو ڪجھ انھن وٽ ھوندو ھو ان کي مَحبُوب جي عطا سمجھندا ھئا، ھڪدم سمجھي ويا تہ مَحبُوب جي چاھت ڪجھ ٻي آھي غالباً مَحبُوب اھو چوڻ چاھن ٿا تہ اي منھنجا عاشق! مان تہ تنھنجي عشق کي سڄاڻان ٿو، اڄ دنيا کي بہ ٻڌائي تہ عشق ڇا کي چئبو آھي، بس پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ مَحَبَّت ڀري لھجي ۾ ائين عَرض ڪيو: اَبۡقَيۡتُ لَهُمُ اللّٰہَ وَرَسُوۡلَہ يعني



www.dawateislami.net

مان پنهنجي گهر جو سمورو مال کڻي پاڻ ڪريمن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهه ۾ حاضِر ٿي ويو آهيان، گهروارن جي لاءِ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جو رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ئي ڪافي آهي. حضرت سَيِدُنا عُمَر فاروقِ اعظم رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ اهو مَنْظَر ڏسي حَيران ٿي ويا ۽ چوڻ لڳا: مان ڪڏهن بہ اَمِيرُ المُؤمنين حضرت سَيِدُنا ابُوبڪرصِدّيق رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان اڳتي نٿو نڪري سگهان .[2]

صحابَہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان ڏنو تہ ايتري ۾ خالقِ ڪائنات عَزَّوَجَلَّ جي قاصدِ خُصُوصِي حضرت سَيِدُنا جبريلِ امين عَلَيْهِ السَّلَام اهڙو ئي لباس پائي بارگاهِ رِسالت ۾ حاضر ٿيا، جيڪو عاشقِ اڪبر حضرت سَيِدُنا ابُوبڪر صِدّيق رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي پاتل هو. سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پُڇا ڪيو: اي جبريل! هي ڇا پاتو آهي؟ اُنهن عَرَض ڪيو: يارَسُوْلَ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! الله عَزَّوَجَلَّ اڄ سيني ملائڪن کي بہ حڪم فرمايو آهي تہ اڄ اهڙو ئي لباس پائن جهڙو اوهان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عاشقِ صادِق پاتو آهي ۽ گڏوگڏ اهو تہ الله عَزَّوَجَلَّ انهن کي سلام اِرشاد فرمائي ٿو ۽ اِسْتِفْسَار فرمائي ٿو تہ اهي پنهنجي رَبّ عَزَّوَجَلَّ سان هن حال ۾ راضي آهن يا ناراض؟ اهو مَحَبَّت ڀريو پيغامِ ٻڌندي ئي حضرت سَيِدُنا ابُوبڪر صِدّيق رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ وَجد ۾ اچي ويا ۽ اُنهن تي رِقّت طاري ٿي وئي، عَرض ڪيوَ: يارَسُوْلَ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! مان ڀلا پنهنجي رَبّ عَزَّوَجَلَّ کان ڪيئن ناخُوش ٿي سگهان ٿو. پوءِ ٽي (3) ڀيرا فرمايائون: آئون پنهنجي رَبّ عَزَّوَجَلَّ کان راضي آهيان، آئون پنهنجي رَبّ عَزَّوَجَلَّ کان راضي آهيان، آئون پنهنجي رَبّ عَزَّوَجَلَّ کان راضي آهيان.

[1]...(تاريخ الخلفاء، ابو بكر صديق،فصل فى انفاقه ماله ...الخ، ص٣٠ملخصاً)

---

[2]...ترمذى، كتاب المناقب عن رسول الله،باب فى مناقب ابى بكر وعمر،حديث:٣٦٩٥، ٣٨٠/٥ماخوذاً



www.dawateislami.net

پروانے کو چراغ تو بُلبُل کو پُھول بَس
صِدِّیق کے لیے ہے خُدا اور رَسول بَس

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## عاشقِ صادق جهڙو لباس پايو!

سُبْحٰنَ الله عَزَّوَجَلَّ! پيڪرِ عشق ۽ وفا، يارِ غار و يارِ مَزارِ مصطفيٰ، حضرت سَيدُنا صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جو صاف سينو، واقعي عشقِ مُصطفٰي سان پريل هو، رسولِ خدا صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حڪم جي پيروي ڪرڻ ۾ پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ، هميشه ٻين صحابي سڳورن عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان تي بَرتَري ڪٽي ويندا هئا. يقيناً مَحبوبِ خُدا صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي رِضا وخُوشنودي حاصل ڪرڻ انهن جي زندگي جو سرمايو هو، تنهنڪري اگر مگر (بهاني بازي) جو سهارو وٺڻ بدران، پنهنجو سمورو مال ومَتاع پياري آقا صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي قَدمن ۾ آڻي رکي ڇڏيو، الله تبارڪ و تعاليٰ کي پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي اها اَدا ايتري تہ پسند آئي جو پنهنجي معصوم ملائڪن کي حڪم اِرشاد فرمائي ڇڏيو تہ توهان بہ منهنجي مَحبُوب جي هن عاشقِ صادق جهڙو لباس پايو.

طبيبِ ہر مريضِ لادوا صدّيقِ اکبر ہيں
غريبوں بے کسوں کا آسرا صدّيقِ اکبر ہيں

(وسائلِ بخشش،565)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ڪتاب "فيضانِ صِدّيقِ اڪبر" جو تَعارُف

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! عاشقِ ماهِ رسالت، پيڪرِ صِدق و شُجاعت، حضرت سَيدُنا ابُو بڪر صِدّيق رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي سيرت ۽ پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ



www.dawateislami.net

جي عشقِ مُصطفٰي بابت وڌيڪ معلومات جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي اِشاعتي اداري مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل 719 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”فيضانِ صِدّيقِ اڪبر“ جو مُطالَعو ڪرڻ بہ نهايت فائديمند آهي. هن ڪتاب ۾ حضرتہ سَيدُنا صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي سيرت جا مختلف خوبصورت پهلو، مثالَ طور اوهان رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جو نندڍ پڻ ، جواني، قبولِ اسلام کان پهريان ۽ بعد جا حالات، پاڻ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جا اَوصاف، هجرت و غزوات، جان نثاري ۽ وَفا شعاري جا ايمان افروز واقعا، خليفي بڻجڻ وقت جا مرحلا ۽ خلافت کان پوءِ ٿيڻ وارن سانحن کي نهايت دِلڪش انداز ۾ تحرير ڪيو ويو آهي ، تنهنڪري اڄ ئي هن ڪتاب کي مڪتبةُ المدينہ جي بستي تان هَدِيةً طَلَب فرمائي پاڻ بہ هن جو مُطالَعو ڪيو ۽ ٻين اسلامي ڀائرن کي بہ هن جي ترغيب ڏياريو .دعوتِ اسلامي جي ويب سائٹ www.dawateislami.net تان هن ڪتاب کي رِيڊ (يعني پڙهي) سگهجي ٿو، ڈاؤن لوڊ (Download) بہ ڪري سگهجي ٿو ۽ پرنٽ آؤٹ (Print Out) بہ ڪري سگهجي ٿو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جڏهن بہ عُشّاقانِ مُصطفٰي جو ذِڪرِ خَير ڪيو ويندو آهي، تہ عام طور سڀ کان پهريان عاشقِ اڪبر،سَيدُنا صدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ ئي جي شخصيت جو تَصَوُّر اسان جي دل و دِماغ ۾ قائم ٿيندو آهي. اچو! حُصُول ِ برڪت ۽ نُزولِ رحمت جي لاءِ سندن رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جو مختصر تَعارُف بہ ٻڌون ٿا:

## سيدُنا صِدّيقِ اَڪبر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جو مُختَصَر تعارُف

خليفہءِاول، جانشين محبوبِ ربِّ قَدير، اميرالمؤمنين حضرت سيِّدُنا صدّيق اڪبر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جو مبارڪ نالو عبدالله آهي، ۽ سندن ڪُنيت



www.dawateislami.net

ابوبڪر، ۽ صديق، عَتِيق سندن رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ جا لقب هئا، صِدِّيق جي معنيٰ آهي ”گهڻو سچ ڳالهيندڙ“ پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ جاهليت واري دؤر ۾ ئي انهي لقب سان مشهور هئا، ڇو تہ پاڻ سدائين سچ ڳالهيندا هئا، ۽ عَتِيق جي معنيٰ آهي”آزاد“. سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ کي خوشخبري ڏيندي فرمايو: اَنۡتَ عَتِيۡقُ اللهِ مِنَ النَّارِ يعني(اي ابو بڪر!) توهان جهنم جي باهہ کان آزاد آهيو، تنهنڪري سندن جو لقب عَتِيق ٿيو.[3] پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ قريشي هئا ۽ ستين پيڙهي ۾ سندن جو نسب رسول الله صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خانداني شجري سان ملي وڃي ٿو، پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ عام الفيل جي تقريبًا اڍائي سالن کان پوءِ مڪةُالمڪرمة زَادَهَا اللهُ شَرَفًا وتَعۡظِيۡمًا ۾ پيدا ٿيا، اميرُالمؤمنين حضرت سيّدنا ابوبڪر صديق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ اهي صحابي آهن جنهن سڀ کان پهريان تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تصديق ڪئي، پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ ايترا تہ **جامِعُ الۡڪمال ۽ مَجمَعُ الفَضائل** آهن جو اَنبِيَاءِ ڪِرام عَلَيۡهِمُ السَّلَام کانپوءِ اڳين پوئين سڀني انسانن ۾ سڀ کان افضل ۽ اعليٰ آهن، آزاد مردن ۾ سڀ کان پهرين اسلام قبول ڪيو، ۽ صُلح ۽ جنگ جي سڀني فيصلن ۾ محبوب ربِّ قَدير، صاحبِ خيرِ ڪثير صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا وزير ۽ مُشير بڻجي زندگي جي هر واٽ تي پاڻ ڪريم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ساٿ ڏئي جان نثاري ۽ وفاداري جو حق ادا ڪيو، 2 سال 3 مهينا مَسنَدِ خِلافت تي رونق اَفروز رهي 22 جُمادَی الاُخرٰی 13 ھ سومر جو ڏينهن پورو ڪري وفات ڪئي. اميرُالمُؤمنين حضرت سيّدنا عمر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ جنازي جي نماز پڙهائي ۽ روضي پاڪ زَادَهَا اللهُ شرفًا وتعظيمًا ۾

---

[3]...(تارِيخُ الخُلَفاء،ص٢٣-٢٢ملتقطاً بتقدم وتاخر)



www.dawateislami.net

حضورِ اَقدَس صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ويجهو دفن ٿيا.(4)

جو يارِ غارِ محبوبِ خدا صدّيقِ اکبر ہیں　　وُہی یارِ مزارِ مصطَفٰے صدّیقِ اکبر ہیں

(وسائلِ بخشش،565)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## قرآن ۾ صديقِ اڪبر جو شان!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حضرت سَيِدُنا صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جا پاڪيزا وصف ايترا ته آهن جو اهو مختصر وَقت انهن خاصيتن جي بيان ڪرڻ جي لاءِ ناڪافي آهي، پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ خوفِ خدا وعشقِ مُصطَفٰي، حُقوقُ الله وحُقوقُ العباد جي ادائگي ۾ بي مثال هئا، صِلَہ رِحمي وحُسنِ اخلاق، دِين جي دُشمنن جي چٽڻ، دينِ اسلام جي سربُلندي، پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي زِندگي جو اَصلي مَقْصد هو، پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ پنهنجي ڪردار سان سڄي دُنيا جي مُسلمانن کي اهو ٻڌائي ڇڏيو ته هڪ اُمَّتي جو پنهنجي نبي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان ڪهڙو تَعَلُّق وعشق هجڻ گهرجي. پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ پنهنجي خواهشن، مال و اَسباب، اَولاد و اَقارِب ايستائين جو پنهنجي جان کان وڌيڪ الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان مَحَبَّت ڪئي ۽ ان مَحَبَّت کي هميشه پنهنجي دل ۾ روشن رکيو، نتيجي طور پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي عمل سان خُوش ٿي رسولِ خدا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪيئي موقعن تي پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي تعريف ۽ واکاڻ ڪئي، ايستائين جو قرآنِ ڪريم ۾ جڳهه جڳهه تي سندن رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي شان و شوڪت ۾ مختلف آيتون سڳوريون نازل ٿيون آهن، جيئن

سيپاري 30 سُوْرَۃُ الَّيل جي آيت نمبر19 تا 21 ۾ ارشاد آهي:

---

4...الرياض النضره ۲۶۱/۱،تاريخُالخُلَفاء،ص۲۷-۶۲مفہوماً،عاشقِ اکبر ص۳ بتغير



www.dawateislami.net

وَ مَا لِاَحَدٍ عِنْدَهٗ مِنْ نِّعْمَةٍ تُجْزٰۤى ﴿۱۹﴾ اِلَّا ابْتِغَآءَ وَجْهِ رَبِّهِ الْاَعْلٰى ﴿۲۰﴾ وَ لَسَوْفَ یَرْضٰى ﴿۲۱﴾

**ترجموڪنز الايمان:** ۽ ڪنهن جو ان تي ڪو احسان ناهي جنهن جو بدلو ڏنو وڃي، صرف پنهنجي رَبّ جي رضا چاهي تو جيڪو سڀني کان بلند آهي ۽ بيشڪ قريب آهي تہ اهو راضي ٿيندو.

صَدرُ الافَاضِل حضرت علاّمہ مولانا مُفْتِي سَيد محمد نعيمُ الدين مُراد آبادي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: جڏهن حضرت سَيدُنا ابُوبڪر صِدّيق رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ حضرت سَيدُنا بلال رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي تمام گهٽي قيمت تي خريد ڪري آزاد ڪيو تہ ڪافرن کي حيرت ٿي ۽ انهن چيو: حضرت ابُوبڪر صِدّيق رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ ائين ڇو ڪيو آهي؟ شايد حضرت بلال رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جو انهن تي ڪو احسان هوندو، ان ڪري انهن ايتري گهٽي قيمت ڏئي خريد ڪيو ۽ آزاد ڪيو، ان تي اها آيتِ سڳوري نازِل ٿي ۽ ظاهر فرمايو ويو تہ حضرت ابُوبڪر صِدّيق رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جو هي فعل، محض الله تعاليٰ جي رِضا جي لاءِ آهي، ڪنهن جي اِحسان جو بدلو ناهي ۽ نہ انهن تي حضرت بلال رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ وغيره جو ڪو احسان آهي. حضرت سَيدُنا صِدّيقِ اڪبر رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ ڪيئي غُلامن کي انهن جي اسلام آڻڻ جي ڪري خريد ڪري آزاد ڪيو.(5)

سبھی اَصحاب سے بڑھ کر مقرَّب ذات ہے ان کی
رفیقِ سرورِ اَرض و سما صدیقِ اکبر ہیں

(وسائلِ بخشش، 566)

منا منا اسلامي ڀائرو! ائين تہ سڀني صحابہ سڳورن عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان کي

5 ... خزائن العرفان، ص۱۱۰۸ بتغیر قلیل



www.dawateislami.net

حُضُورِ اڪرم، نُورِ مُجَسَّم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان ڪامل درجي جو عشق هو، پر عاشقِ اڪبر، سَيدُنا صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ جي عشق جو اَنداز ئي نرالو هو، پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ ته عشقِ رسول جون اهي منزلون طئي ڪري چڪا هئا جو عشق ومَحبَّت ۽اطاعتِ مُصطَفٰي، جڻ پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ جي زندگي جو مقصد بڻجي ويو هو. ڪيئي احاديث سڳوريون اوهان رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ جي شان ۾ سندن فضائل و مَناقب سان مالا مال آهن. اچو! انهن مان ڪجھ ٻڌون ٿا:

## جان ومال جا مالڪ!

نبي ڪريم،رؤفٌ رَّحيم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ موقعي تي ارشادفرمايو: مَا نَفَعَنِی مَالٌ قَطُّ مَا نَفَعَنِی مَالُ اَبِی بَکۡرٍ يعني مون کي ڪنهن جي مال ايترو فائدو نہ پهچايو، جيترو ابُوبڪر صِدّيق (رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ) جي مال فائدو پهچايو. فَبَکٰی اَبُو بَکۡرٍ وَقَالَ هَلۡ اَنَا وَمَالِی اِلَّا لَکَ یَا رَسُولَ اللهِ (اهو ٻڌي) حضرت سَيدُنا ابُوبڪرصِدّيق رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ روئڻ لڳا ۽ عرض ڪيو: يارَسُولَ اللّٰه صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اوهان ئي تہ منهنجي جان ۽ منهنجي مال جا مالڪ آهيو.[6]

هڪ ٻئي موقعي تي سرورِ ذيشان صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت ابُوبڪر صديق رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ جي عشق ۽ مَحبَّت سان ڀرپور قُربانين جوتذڪرو ڪجھ اهڙي طرح فرمايو: مَا لِاَحَدٍ عِنۡدَنَا يَدٌ اِلَّا وَقَدۡ کَافَيۡنَاهُ مَا خَلاَ اَبَا بَکۡرٍ فَاِنَّ عِنۡدَنَا يَدًا يُكَافِيهِ اللّٰهُ بِهَا يَوۡمَ الۡقِيَامَةِ يعني اسان جي مٿي جن ماڻهن جو ڪو احسان هو، اسان ان سڀني جو بدلو ڏئي ڇڏيو آهي، پر ابُوبڪر جي اِحسانن جو بدلو تہ

---

[6] ...ابن ماجة،کتاب السنة، باب فی فضائل اصحاب رسول اللہ،فضل ابی بکر ...الخ،۷۲/۱، حدیث:۹۴



www.dawateislami.net

الله تعاليٰ ئي قيامت جي ڏينهن انهن کي عطا فرمائيندو.[7]

## ڪونين ۾ آقا سان گڏ

حضرت ابنِ عمر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا کان روايت آهي تہ نبي اکرم، نُورِ مجسم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت ابو بڪر صِدّيق رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کي ارشاد فرمايو: اَنْتَ صَاحِبِی عَلَى الْحَوْضِ وَ صَاحِبِی فِی الْغَارِ يعني توهان حوضِ ڪوثر تي ۽ غارِ ثور ۾ منهنجا ساٿي آيو .[8]

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان تہ حضرت سَيدُنا ابُو بڪر صِدّيق رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ تي پياري آقا، مڪي مدني مُصطَفٰي صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ڪيڏو نہ خاص فضل ۽ ڪرم هو، جو نہ رڳو سفر وحضر بلڪ هر جڳهہ انهن کي، نبي ڪريم، رؤفٌ رَّحيم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ساٿ نصيب رهيو، ايستائين جو حوضِ ڪوثر تي بہ انهن کي رَسُوْلُ الله صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ساٿ جي عظيم خوشخبري ٻڌائي وئي .

جو يارِ غارِ محبوبِ خدا صِدِّيق اکبر ہيں
وُہی يارِ مزارِ مُصْطَفٰے صِدِّيق اکبر ہيں
عُمر سے بھی وہ اَفْضل ہيں وہ عُثمان سے بھی اَعْلٰی ہيں
يقيناً پيشوائے مُرتضیٰ صِدِّيق اکبر ہيں

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مَحبّت جون نشانيون

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! مَحَبَّت جون ڪي نشانيون هونديون آهن، جنهن

---

[7] ...ترمذی،کتاب المناقب،باب(م:تابع:۱۵،ت:۳۴)،۳۷۴/۵،حديث:۳۶۸۱

[8] ...ترمذی ،کتاب المناقب ،(م:تابع۱۶،ت:۳۹)،۳۷۸/۵،حديث:۳۶۹۰



www.dawateislami.net

ڪي هڪ عاشقِ صادق جي عشق ۽ مَحَبَّت جو دليل سمجهيو ويندو آهي، ۽ انهن نشانين کي ڏسي ڪري بين ڪي يقين ٿي ويندو آهي تہ واقعي اهو شخص فُلاڻي سان بيحد مَحَبَّت ڪندو آهي، مثلاً مَحَبَّت ڪرڻ وارو هر مُعاملي ۾ پنهنجي محبوب جي اِطاعت ڪندو آهي، هر وَقت ان جي ذِڪر سان پنهنجي زبان کي تَر رکندو آهي، ان جي پسند کي اپنائيندو آهي ۽ ان جي ناپسنديده شين کان پري رهندو آهي وغيره وغيره. پوءِ جڏهن اها مَحَبَّت پنهنجي اِنتها تائين پهچندي آهي تہ عشق جو رُوپ اختيار ڪندي آهي. پوءِ جهڙي طرح مَحَبَّت جون مختلف نشانيون هونديون آهن، اهڙي طرح عشق جون بہ ڪي نشانيون هونديون آهن، اسان جي بُزرگن پنهنجي پنهنجي ڪتابن ۾ مختلف هنڌن تي عاشقن جي مختلف نشانين کي بيان ڪيو آهي، جيئن

## محبتِ رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون نشانيون:

اِمَام قِسطلاني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه محبتِ رسول جون نشانيون بيان ڪندا آهن، انهن کي مختصر طور اوهان جي خدمت ۾ پيش ڪيان ٿو، جيڪو انهن کي اپنائيندو تہ اهو عاشقِ رسول ٿيندو. اِنْ شَآءَ اللهُ عَزَّوَجَلَّ

(۱) **اِقتدا:** عشقِ رسول جي سڀ کان وڏي نشاني هي آهي جو پاڪ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اِقتدا ۽ پيروي، محبوبِ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سُنّت کي اپنائڻ، سندن جي رستي تي هلڻ، پاڪ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سيرت مان رهنمائي حاصل ڪرڻ ۽ اوهان جي شريعت جي حُدود تي قائم رهڻ. (المواهب اللدنيه، ۴۹۱/۲)

(۲) **شريعت تي راضي رهڻ:** حضور نبي اڪرم، شهنشاهِ اُمم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان مَحَبَّت جي نشانين مان هڪ ڳالهہ اها آهي تہ هن عشق ۽ مَحَبَّت جي دعويٰ ڪرڻ وارو پاڪ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شريعت تي راضي هجي



www.dawateislami.net

ايستائين جو پنهنجي نفس ۾ پڻ پاڻ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي فيصلي سان ڪا تنگي محسوس نہ ڪري . (المواهب اللدنيه، ۴۹۳/۲)

(۳) **حضور** صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جي دين جي مدد ڪرڻ**: حضور نبي اڪرم، سراپا جُود و ڪرم صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان مَحَبَّت جي نشانين مان هڪ ڳالھ اها تہ ”پنهنجي قول ۽ فعل جي ذريعي سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دين جي مدد ڪري، پاڻ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شريعت جو دِفاع ڪري ۽ سخاوت ۾ پاڻ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سيرتِ طيبہ ڪي اپنائي، بُردباري ،صبر، تَواضُع (عاجزي) وغيره ۾اوهان جي مبارڪ سِيرت جي پيروي ڪئي وڃي. (المواهب اللدنيه، ۴۹۴/۲)

(۴) **مصيبتن تي صبر ڪرڻ**: نبي اڪرم، رسولِ محتشم صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان مَحَبَّت جي نشانين مان هڪ ڳالھ اها تہ ”مَصيبتن تي صبر ڪري، ڇوتہ هن مَحَبَّت سان مُحبّ کي اهڙي لذّت حاصل ٿيندي آهي جو اهو مصيبت کي وساري ڇڏيندو آهي. (المواهب اللدنيه، ۴۹۵/۲)

سيدي اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه ڪيڏو نہ بهترين چيو آهي:

کيوں کہوں بيکس ہوں ميں کيوں کہوں بے بس ہوں ميں
تم ہو ميں تم پہ فِدا تم پہ کروڑوں دُردود

(۵) **محبوب جو تذڪرو گهڻو ڪري**: محبوبِ ربِّ اڪرم صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان مَحَبَّت جي نشانين مان هڪ ڳالھ اها بہ تہ پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو تذڪرو گهڻو ڪري ڇوتہ جيڪو جنهن سان مَحَبَّت ڪندو آهي، ان جو ذِڪر گهڻو ڪندو آهي، ڪن چيو: مَحَبَّت، محبوب کي هميشہ ياد رکڻ جو نالو آهي. هڪ بزرگ فرمائن ٿا تہ ”جيتري قدر پساه آهن، ان جي مطابق محبوب جو ذڪر ڪيو وڃي. (المواهب اللدنيه، ۴۹۵/۲،ملتقطاً)



www.dawateislami.net

هڪ صاحب فرمائن ٿا ته ”محب جي لاءِ 3 نشانيون آهن: (1) ان جو ڪلام محبوب جو ذڪر هجي (2) خاموشي محبوب بابت فڪر هجي (3) ۽ عمل ان جي فرمانبرداري هجي.

امام محاسبي رَحۡمَةُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیۡه فرمائن ٿا ته ”محبّت ڪرڻ وارن جي نشاني، محبوب جو ڪثرت سان ذڪر ڪرڻ آهي جو نه ان کي ڇڏي ۽ نه ان کان بيزاري ۽ ٿڪاوٽ محسوس ڪري . (المواهب اللدنيه، ۴۹۵/۲)

جو نه بھُولا ہم غریبوں کو رضؔا　　یاد اُس کی اپنی عادت کیجئے

(حدائقِ بخشش)

جيڪو شخص ان صفتن سان مُتّصِف ٿي ويندو آهي، الله تعاليٰ ۽ ان جي رسول صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان ان جي مَحَبَّت ڪامل ٿي ويندي آهي ۽ جيڪو انهن مان ڪجهه جي مُخالفت ڪري، ان جي مَحَبَّت ناقص آهي پر اهو مَحَبَّت مان خارِج نه آهي جيئن ته حديثِ پاڪ ۾ به آهي ته هڪ شخص جنهن کي شراب پيئڻ جي سزا ڏنائي وئي، ته ڪن ماڻهن ان تي لعنت ڪئي ۽ چيو اهو بار بار سزا جي لاءِ آندو ويندو آهي ته حضور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جڏهن اهي ڳالهيون ٻڌيون ته فرمايو: ان تي لعنت نه موڪليو ڇو ته اهو الله تعاليٰ ۽ ان جي رسول صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان مَحَبَّت ڪندو آهي، يعني گناه ٿيڻ باوُجُود عالم جي داتا، مني مني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ٻڌايو ته اهو شخص الله تعاليٰ ۽ ان جي رسول سان مَحَبَّت ڪندو آهي.

(المواهب اللدنيه، ۵۰۱/۲)

دنیا کی لذّتوں سے مِری جان چُھوٹ جائے　　مجھ کو بنادے یا خدا تُو عاشقِ رسول

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب!　　صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد



www.dawateislami.net

## ٿئي خواهشون پوريون ٿيون

شيخ طريقت، اَميرِ اَهلسُنَّت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه فرمائن ٿا الله عَزَّوَجَلَّ حضرت سيّدنا صديق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ جون اهي ٽئي خواهشون حُبِّ رسولِ انور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صدقي ۾ پوريون فرمايون: ﴿1﴾ سندن رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ کي سَفر و حَضَر ۾ حضور اکرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو قُرب نصيب رهيو ايستائين جو غار ثور جي اڪيلائي ۾ سندن رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ کان سواءِ ٻيو ڪو زيارت جي سعادت حاصل ڪرڻ وارو نہ هيو ﴿2﴾ اهڙي طرح مال قربان ڪرڻ جي سعادت ايتري قدر ٿي جو پنهنجو سمورو مال دولت ٻنهي جهانن جي سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي قدمن تي قربان ڪيو ﴿3﴾ ۽ مزار پُر اَنوَار ۾ پڻ هميشہ لاءِ ساٿ ۽ قُرب عطا فرمايو.(9)

ہلاکت خیز طُغیانی ہو یا ہوں موجیں طوفانی نہ ڈُوبے اپنا بیڑا ناخدا صِدّیقِ اکبر ہیں

(وسائلِ بخشش،567)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حضرت سَيِدُنا صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ جي مبارڪ سيرت مَحَبَّتِ رسول جو حقيقي آئينو هئي، جڏهن تہ انهن جو ڪردار بہ عشقِ رسول جو بهترين مِعيار هو، اچو حضرت سَيِدُنا صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ جي عشقِ مُصطَفٰي تي مشتمل ڪجھ ايمان اَفروز واقعا ٻڌون ٿا تہ جيئن اسان جي سيني ۾ بہ حُضُورِ انور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مَحَبَّت وڌيڪ پيدا ٿئي.

---

9...عاشقِ اکبر،ص۱۴بتغیر قلیل



www.dawateislami.net

## يہ اک جان کيا ہے ....:

اسلام جي شروعات ۾ جڏهن صحابہ ڪرام جو تعداد (38) ٿيو تہ حضرت سَيِّدُنا ابُوبڪر صدّيق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ سرڪارِ عالم، نُورِ مجسّم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان اسلام جو کلي ڪري اِعلان ڪرڻ جي اِجازت طلب ڪئي ۽ اِصرار ڪندا رهيا، ايستائين جو حُضور صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اظهارِ اسلام جي اِجازت عطا فرمائي. پوءِ حضرت سَيِّدُنا ابُوبڪر صدّيق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ ماڻهن کي اسلام جو خُطبو ڏيڻ جي لاءِ بيٺا تہ پيارا آقا، مديني وارا مُصطفيٰ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بہ اتي تشريف فرما هئا. اهڙي طرح پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کي الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي رسول صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڏانهن سڏڻ وارو پهريون خطيب ٿيڻ جو شرف حاصل ٿيو. مکي جي مُشرڪن جڏهن مُسلمانن کي ظاهر ظهور دعوتِ اسلام ڏيندي ڏٺو تہ انهن جو رت جوش ڏيڻ لڳو ۽ اهي حضرت سَيِّدُنا ابُو بڪر صديق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ ۽ ٻين مُسلمانن تي ڪاهہ ڪري آيا ۽ انهن کي مارڻ شُروع ڪري ڇڏيو، صدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کي پڻ نهايت بُري طرح ماريو، ايستائين جو عُتبہ بن ربيعہ نالي خبيث، پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي ويجهو آيو ۽ پنهنجي ناپاڪ جُتي پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي مُبارَڪ چهري تي هڻڻ لڳو ۽ اوهان جي پيٽ تي چڙهي هلڻ لڳو ايستائين جو اوهان بي هوش ٿي ويا، زخمن جي ڪري اوهان جي چهري جي سڃاڻپ مشڪل ٿي وئي. جڏهن اوهان جي قبيلي بَنُو تَيم جي ماڻهن کي خبر پئي تہ اهي ڊوڙندا آيا ۽ اوهان کي مُشرڪن کان ڇڏائي گهر وٺي آيا، پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي تشويشناڪ حالت ڏسي ائين لڳي رهيو هو تہ زنده بچي نہ سگهندا، اوهان جا والد ابُو قحافہ ۽ بَنُو تَيم جا ماڻهو نهايت پريشان هئا ۽ مسلسل پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان گفتگو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا، آخرڪار ڏينهن جي آخري حصي ۾ اوهان کي هوش اچي ويو. پر هوش ۾ ايندي ئي زبان تان پهريون جملو اهو نڪتو تہ رَسُوْلُ الله



www.dawateislami.net

صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪهڙي حال ۾ آهن؟ اوهان جي اها ڳالهه بڌي قبيلي جا ڪيئي ماڻهو ناراض ٿي هليا ويا، اوهان جي والده جڏهن ڪجهه کائڻ پيئڻ جي لاءِ چوندي هئي ته پاڻ صرف هڪ ئي جملو فرمائيندا هئا: رَسُوْلُ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪهڙي حال ۾ آهن ؟ مون کي صرف انهن جي خبر ڏيو، جڏهن اوهان کي خبر ملي ته رحمتِ عالم، نُورِ مُجَسَّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خيريت سان آهن ۽دارِ اَرقَم ۾ تشريف فرما آهن ته پاڻ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ فرمايائون: خدا جو قسم! مان ان وقت تائين ڪجهه نه کائيندس ۽ نه پيئندس جيستائين پنهنجي محبوب آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي بذاتِ خود ڏسي نه وٺان. جڏهن سيئي ماڻهو هليا ويا ته سندن والده ۽ اُمّ جميل بنتِ خطّاب اوهان کي سهارو ڏئي شهنشاهِ مدينہ، قرارِ قلب و سينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهه ۾ وٺي ويون، جڏهن پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي عاشقِ زار کي ڏٺو ته آبديده ٿي ويا ۽ اڳتي وڌي انهن کي هٿن ۾ ورتو ۽ انهن کي چمڻ لڳا، اهو منظر ڏسي تمام مسلمان بہ فرطِ جذبات ۾ اوهان ڏانهن وڌيا، زخمن سان پريل صديقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي ڏسي حضور عَلَيهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام تي گهڻي رِقّت طاري ٿي، ان تي صديقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ عرض ڪيو: يارَسُوْلَ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم !منهنجا ماءُ پيءُ اوهان تي قُربان، مان نيڪ آهيان بس چهرو تورو زخمي ٿي ويو آهي.[10]

يہ اِک جان کیا ہے اگر ہوں کروڑوں   ترے نام پر سب کو وارا کروں میں

(سامانِ بخشش،ص۱۳۵)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!   صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[10] ... تاريخ مدينة دمشق،۴۹/۳۰، ملخصاً



www.dawateislami.net

## 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم هفتيوار اجتماع

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اسان جو مَدَني مَقصد آهي تہ مون کي پنهنجي ۽ سڄي دُنيا جي ماڻهن جي اِصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي، اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ تنهنڪري پنهنجي اِصلاح جي لاءِ مَدَني اِنعامات تي عمل ۽ سڄي دُنيا جي ماڻهن جي اِصلاح جي ڪوشش جي لاءِ مَدَني قافِلن ۾ سفر کي پنهنجو مَعمول بڻايو ۽ ذيلي حلقي جي 12 مَدَني ڪمن ۾ وڌ کان وڌ حصو وٺو. ذيلي حلقي جي 12 مَدَني ڪمن مان هڪ مَدَني ڪم هفتيوار اِجتِماع ۾ اوّل تا آخِر شِرڪت بہ آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اِسلامي جي تَحت ٿيڻ وارو هفتيوار سُنَّتن ڀريو اِجتِماع تلاوتِ قرآن، نعتِ رَحمتِ عَالَمِيان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ، سُنَّتن ڀري بيان، رِقَّت اَنگيز دُعا، ذِڪر ودُرُود، صلوٰة وسَلام جي مَدَني گلن ۽ عِلمِ دِين جي گُلدستن سان سجيل هوندو آهي، ۽ يقيناً اهڙن اِجتماعن ۾ شِرڪت وڏيڪ اجر ۽ ثَواب ۽ بَرَڪتن جي حُصُول جو ذرِيعو آهي .

اسان کي بہ دعوتِ اسلامي جي هفتيوارسُنَّتن ڀري اِجتِماع ۾ وَقت جي پابندي ڪندي شِرڪت ڪري خُوب خُوب سُنَّتن جون بهارون حاصل ڪيو ۽ سُنَّتن جي تَربيت جي مَدَني قافِلن ۾ سفر اِختِيار ڪري پنهنجي آخِرت جي لاءِ نيڪين جو ذخيرو گَڏ ڪرڻ گهرجي. هفتيواراجتماع ۾ شرڪت ڪري هڪ ڪلاسيڪل گلوڪار جي گناهن ڀري زندگي ۾مدني اِنقلاب جي ڪهڙي مدني بهار آئي؟ اچو! ترغيب جي لاءِ هي مَدَني بهار ٻڌون ٿا .

## ڪلاسيڪل گلوڪار جي توبہ

گولي مار (بابُ المدينہ ڪراچي) جي علاقي فردوس ڪالوني ۾رهندڙ اسلامي ڀاءُ پنهنجي عياشي واري زندگي جي خاتمي جو احوال ڪجهہ ائين



www.dawateislami.net

بيان ڪري ٿو تہ مان هڪ ڪلاسيڪل گلوڪار هئس، ميوزيڪل شوز ۾ فنڪشن ۾ ڳائڻ وڄائڻ جو ڪم ڪندو هئس. ائين ئي زندگي جا انمول ڏينهن برباد ٿي رهيا هئا دل ۽ دماغ تي غفلت جا ڪي اهڙا پردا پيل هئا جو نہ ’’جنّت ۾ وٺي وڃڻ وارن عملن‘‘ جو فڪر ۽ نہ ئي ’’جهنّم ۾ وٺي وڃڻ وارن عملن‘‘ کان بچڻ جو ذِهن هو. ان عظيم گهڙي تي لکين سلام جو جڏهن مونکي سبز عمامي شريف جو تاج ۽ سفيد مدني لباس پائڻ وارو هڪ اسلامي ڀاءُ مليو ۽ انهن دلنشين انداز ۾ مَحَبَّت ۽ پيار سان اِنفرادي ڪوشش ڪندي نيڪي جي دعوت پيش ڪئي ۽ هفتيوار سُنَّتن ڀري اجتماع جي دعوت ڏني. مان انهن جي حُسنِ اَخلاق کان اڳ ۾ ئي متاثر ٿي چڪو هئس ان ڪري مون انهن جي دعوت قبول ڪري ورتي ۽ سُنَّتن ڀري اجتماع ۾ حاضر ٿيس. هتي فيضانِ مدينہ جو رُوحاني منظر مون کي پسند آيو، هر پاسي سُنَّتن جا پيڪر مُبلّغ، حدِ نگاهہ تائين سبز عمامن جون بهارون هيون، اهي پُر ڪيف نظارا منهنجي دل کي وڻي ويا. اجتماع ۾ ٿيڻ واري تلاوت، نعت، سُنَّتن ڀريو بيان ۽ ذِڪر ۽ دُعا منهنجي دل جي دُنيا کي بدلائي ڇڏيو منهنجي زندگي ۾ مدني اِنقلاب اچي ويو، مون سچي دل سان توبہ ڪئي ۽ پاڻ کي دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾ رنگي ڇڏيو. اَلْحَمْدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ تقريباً هر مهيني مدني قافلي ۾ سفر جي سعادت حاصل ٿيندي آهي.

يقيناً مُقَدَّر کا وہ ہے سکندر　　جسے خیر سے مل گیا مَدَنی ماحول
یہاں سُنّتیں سیکھنے کو ملیں گی　　دِلائے گا خوفِ خُدا مَدَنی ماحول

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب!　　صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد



www.dawateislami.net

## مجلس خُصُوصي اسلامي ڀائر

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي عشقِ رسول جا جام پيئارڻ، صحابہ ۽ اولياءِ ڪرام جي مَحَبَّت دل ۾ وڌائڻ، انهن جي مبارڪ سيرت تي عمل جي ترغيب ڏيارڻ جي لاءِ ڪم وبيش 100 شُعبن ۾ نيڪي جي دعوت عام ڪري رهي آهي.اِنهن شعبن ما هڪ شعبو ”خُصُوصي اسلامي ڀائر“ بہ آهي. دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾گُونگن ٻوڙن ۽ نابين اسلامي ڀائرن کي خُصُوصي اسلامي ڀائر چيو ويندو آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اها مجلس، خُصُوصي اسلامي ڀائرن ۾ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ ۽ انهن کي مُعاشري جو باڪردار فَرد بنائڻ ۾ مصروفِ عمل آهي، ان سان گڏوگڏ ”مجلس خُصُوصي اسلامي ڀائر“خصوصي اسلامي ڀائرن جي لاءِ فَرض عُلُوم تي مُشتَمِل ڪتاب شايع ڪرڻ جو پڪو ارادو رکي ٿي .

اللہ کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں     اے دعوتِ اسلامی تیری دُھوم مَچی ہو!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!     صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حضرتِ سَيِّدُنا صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ اِرشاد فرمائن ٿا: وَالَّذِى نَفْسِى بِيَدِهٖ ، لَقَرَابَةُ رَسُوْلِ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اَحَبُّ اِلَيَّ اَنْ اَصِلَ مِنْ قَرَابَتِى۔اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو قسم! صِلہ رحمي ڪرڻ ۾ مون کي پنهنجن رشتيدارن کان رَسُوْلُ اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا رِشتيدار وڌيڪ پسنديده ۽ مَحبُوب آهن. (صحيح بخاري، ڪتاب فضائل اصحاب النبي ،با ب مناقب قرابۃ رسول الله، ۵۳۸/۲،حديث:۳۷۱۲)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!     صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## عشقِ صديقِ اڪبر مان ملندڙ مدني گُل!

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه فرمائن ٿا: مٺا مٺا اسلامي



www.dawateislami.net

پيارو! عاشق اڪبر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي عشق ۽ محبت پري مبارڪ زندگي مان اسان کي اهو درس ملي ٿو ته اسان جا سُڏڪا، آهون دنيا خاطر نه هجن، دنيا جي محبت ۾ لُڙڪ نه وهن، دنيوي شان و شوڪت جي لاءِ سيني ۾ ڪا طلب پيدا نه ٿئي، بلڪ اسان جي دل جي حسرت حُبِّ نَبِي هجي، لُڙڪ ياد مصطفٰي ۾ وهن، دنيا جا ديوانه نه بلڪ شمع رسالت جا پروانه بڻجون، انهن جي پسند تي پنهنجي پسند قربان ڪيون ۽ اها خواهش هجي ڪاش! منهنجو مال، منهنجي جان، محبوب رحمٰن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي شان تي قربان ٿي وڃي، پر اَفسوس صَد اَفسوس! اڄ جي مسلمانن جي اڪثريت شاهِ اَبرار ٻنهي جهانن جي مالڪ و مختار صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي اُسوهءِ حسنه کي معيار بڻائڻ بدران دشمن جي طور طريقي ۽ فيشن تي نثار ٿي ذليل ۽ خوار ٿئي پئي. هن ۾ ڪو شڪ ناهي جيڪي ماڻهو پنهنجي ماءُ پيءُ سان محبت ڪندا آهن اهي انهن جي دل نه ڏکائيندا آهن. جنهن کي پنهنجي اولاد سان محبت هوندي آهي اهي ان کي ناراض ٿيڻ ناهن ڏيندا، ڪو به پنهنجي دوست کي غمگين ناهي ڪندو ڇو ته جنهن سان محبت هوندي آهي ان کي ڏک نه ڏيندو آهي، پر هاءِ! اڄ جا اڪثر مسلمان جيڪي عشقِ رسول جا دعويدار آهن پر انهن جا ڪم محبوب ڪريم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي خوش ڪرڻ وارا ناهن، ٻُڌو! رسول ذِي وقار، شهنشاهِ ابرار صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: **جُعِلَتْ قُرَّةُ عَيْنِي فِي الصَّلٰوةِ** يعني منهنجي اکين جي ٺاڍڻ نماز ۾ آهي“. (المعجم الكبير،زياده بن علاقة عن المغيرة، الحديث:١٠١٢، ج٢٠، ص٤٢٠) اهي ڪهڙا عاشق رسول آهن جيڪي نماز ڪان پري ڀڄندا آهن، ڄاڻي واڻي نماز قضا ڪري سرڪار مدينه صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي دل مبارڪ جي لاءِ تڪليف ۽ آزار جو سبب بڻجندا آهن، اها ڪهڙي محبت آهي ۽ ڪهڙو عشق آهي جو رسولِ رَفيعُ



www.dawateislami.net

الشّان، مديني جا سلطان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم رمضان جي روزن جي تاڪيد فرمائن پر پاڻ ڪي عاشقان رسول سڏائڻ وارا انهي حڪم ڪان منهن ڦيري مصطفٰي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ناراضگي جو سبب بڻجن، پيارا مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: ”مُڇون خوب پَست (يعني ننڍيون) ڪريو ۽ ڏاڙهي کي معافي ڏيو (يعني وڌايو) يهودين جهڙي شڪل نہ ناهيو.“ (شرح معاني الآثار للطحاوي،کتاب الکراهة، باب حلق الشارب، الحديث: ۶۴۲۲، ج۴، ص۲۸) پر عشق رسول جا دعويدار ۽ فيشن جا پرستار، سرڪار جي دشمنن جهڙو چهرو ناهن، چا اهو عشق رسول آهي! اي عاشقان رسول!امت جا غمخوار آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي قدمن تي فدا ٿي وڃو ۽ زندگي سندن جي غلامي بلڪ ان جي غلامن جي غلامي دعوت اسلامي ۽ ان جي مدني قافلن ۾ سفر ڪندي گذاريو، مرڻ ڪان پوءِ سندن جي شفاعت جا حقدار بڻجي وڃو ۽ پنهنجو چهرو قيامت جي ڏينهن نَبيِّ رَحمت،شَفيعِ اُمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڏيکارڻ جي قابل بڻايو يعني يهودين ۽ عيسائين جهڙي شڪل ناهڻ ڇڏي ڏيو پنهنجي چهري تي هڪ مٺ ڏاڙهي سجايو، انگريزي وارن جي بدران زُلفَ رکو ۽ مٿي اگهاڙي گهمڻ بجاءِ سبز عمامي شريف ذريعي سر سبز ڪيو، بس پنهنجي ظاهر ۽ باطن تي مدني رنگ چڙهائي ڇڏيو. اي ڪاش اسان بہ پڪا ۽ سچا عاشق رسول بڻجي وڃون، ڪاش! اسان جو اٿڻ ويهڻ، هلڻ ڦرڻ، کائڻ پيئڻ، سُمهڻ جاڳڻ، ڏيڻ وٺڻ، جيئڻ مرڻ، مني مني آقا مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنتن جي مطابق ٿي وڃي.

(عاشقِ اکبر، ص ۴۹ تا ۵۶ ملتقطاً)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

## وفات جو حقيقي سبب

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! عاشقِ شاه بحروبر، راهِ عشق ۽ مَحَبَّت جا رهبر، حضرت سَيِّدُنا صدّيقِ اَڪبر رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡہُ پنهنجي محبت ۽ عقيدت جو شاعري ۾ ڪيڏي نہ سوز و رقّت سان اظهار فرمايو آهي؟ بعض روايتن جي مُطابق رسولُ الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو ظاهري وِصال ئي اَمِيرُ المؤمنين حَضرتِ سَيدُنا صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡہُ جي وِصال جو سبب بڻيو. حضرت سَيدُنا عبدُالله بن عمر رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡھُمَا فرمائن ٿا: حضرت سَيدُنا ابُوبڪرصديق رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡہُ جي وفات جو حقيقي سبب، نبي ڪريم،رؤفٌ رَّحيم صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو ظاهري وِصال هيو.نبي ڪريم ،رؤفٌ رَّحيم صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ظاهري وِصال کان پوءِ پاڻ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡہُ جو بدن مسلسل ڪمزور ٿيڻ لڳو ۽ آخرڪار پاڻ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡہُ بہ دُنيا کان تشريف کڻي ويا.[11]

مرہی جاؤں میں اگر اس دَر سے جاؤں دو قدم
کیا بچے بیمارِ غم قُربِ مسیحا چھوڑ کر

اَمِيرُالمُؤمنين حَضرتِ سَيدُنا صدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡہُ جيئن تہ سڄي زِندگي رَسُوۡلُ الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي پيروي ۾ گُذاري، تہ وصال وقت بہ عشقِ مُصطَفٰي جي ڪري پاڻ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡہُ جي خواهش هئي تہ جنهن ڏينهن رَسُوۡلُ الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو وصالِ ظاهري ٿيو، اهو ئي ڏينهن مون کي پڻ نصيب ٿئي، جهڙو ڪفن رَسُوۡلُ الله صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو هو اهڙو ئي ڪفن منهنجو بہ هجي، اُمّ المؤمنين حضرت سيدتُنا عائشہ

---

11...مستدرک ،کتاب معرفة الصحابة،ذکر مرض ابی بکر،حدیث: ۴،۶/۴۴۶۶



www.dawateislami.net

صِدّيقہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہَا کان روايت آهي تہ جڏهن منهنجي والد سڳوري حضرت سَيدُنا ابُوبڪر صِدّيق رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جي وِصال جو وَقت ويجهو ٿيو تہ فرمائڻ لڳا: ”اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غُيوب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو وصال ڪنهن ڏينهن ٿيو هو؟“مون چيو:” سومر جي ڏينهن.“ وري فرمايائون:” اڄ ڪهڙو ڏينهن آهي؟ مون چيو: اڄ سومر جو ڏينهن آهي، پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ اِرشاد فرمايو:”مان چاهيان ٿو تہ اڄ رات تائين مان دُنيا مان رُخصت ٿي وڃان (تہ جيئن منهنجي وصال جي ڏينهن کي اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ جي پياري حبيب صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي يومِ وصال سان هڪجهڙائي ٿي وڃي)“

(صحيح البخاري،ڪتاب الجنائز، باب موت يوم الاثنين، الحديث: ١٣٨٧،ج١، ص٤٦٨ ملتقطا)

وڌيڪ فرمائڻ ٿيون: منهنجي والِدِ ماجد حضرت سَيدُنا ابُوبڪر صديق رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ مون کان پڇيو تہ” توهان ٻنهي جهان جي تاجور، سلطانِ بحرو بَر صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي ڪيترن ڪپڙن ۾ ڪفن ڏنو هو؟ مون عرض ڪيو: پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي ٽن ڪپڙن ۾ ڪفن ڏنو ويو هو “ اهو ٻڌي پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ پنهنجي هينان وڇايل ڪپڙي کي ڏٺو جنهن تي زعفران يا مُشڪ جا نشان هئا، پاڻ فرمايائون: هن کي ڪفن ۾ رکي ونجو ۽ وڌيڪ بہ ڪپڙا شامل ڪجو.“ (الرياض النضرة،ج١،ص٢٥٧،ملخصاً)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## يارَسُوۡلَ اللّٰہ! ابُوبڪر حاضر آهي

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حضرت سَيدُناصِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ کي جهڙي طرح زندگي ۾ نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو ساٿ نصيب ٿيو، اهڙي طرح وفات جي وقت بہ پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ وِصال کان پوءِ بہ سرڪار صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو قُرب حاصل ڪرڻ جي خواهش جو اِظهار فرمايو،



www.dawateislami.net

اَمِيرُالْمُؤمنين حضرتِ سَيدُنا عليُ الْمُرتضيٰ شَيرِخدا كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰى وَجْههُ الْكَرِيم فرمائن تا:مون سَيدُنا ابُوبکرصِدّيق رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي حياتِ طيبہ جي آخري پساهن ۾ "سندن بارگاهہ ۾ حاضر هئس. پاڻ رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ مون کي اِرشاد فرمايائون:"اي علي!جڏهن منهنجو انتقال ٿئي مون کي بہ ان مُبارڪ ٿانوَ مان غسل ڏجو جنهن ٿانو سان رَسُوۡلُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي غسل ڏنو ويو هو. پوءِ مون کي کفن ڏئي نبي ڪريم،رؤفٌ رَّحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي قبرِانور ڏانهن وٺي وڃجو ۽ بارگاهہ رسالت ۾ اهڙي طرح اِجازت طلب ڪجو: اَلسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَارَسُوۡلَ الله! هٰذَا اَبُوۡبَكۡرٍ يَسۡتَاۡذِنُ يعني يارَسُولَ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم!اوهان تي سلام هجي،ابوبڪر حاضر آهي۽اجازت گهرن ٿا؟" جيڪڏهن روضي مبارڪ جو دروازو کلي تہ مون کي ان ۾ دفن ڪجو ۽ جيڪڏهن اجازت نہ ملي تہ مسلمانن جي قبرستان (جنت البقيع) ۾ دفن ڪري ڇڏجو ."

حضرت سَيدُنا علي المرتضيٰ كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰى وَجْههُ الْكَرِيم فرمائن ٿا تہ:"حضرت سَيدُنا ابو بڪر صِدّيق رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي غسل و ڪفن جي مُعاملن مان فارِغ ٿيڻ کان پوءِ پاڻ رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي وصيت جي مطابق، روضَہءِ محبوب جي دروازي تي حاضر ٿيس ۽ رسولِ اَڪرم،شاهِ بني آدم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهہ ۾ ائين عَرض ڪيو :"يارَسُولَ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! ابُوبڪر اوهان کان اجازت جا طالب آهن."حضرت سَيدُنا علي المرتضي شيرِ خدا كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰى وَجْههُ الْكَرِيم فرمائن ٿا تہ جڏهن ئي منهنجا الفاظ مڪمل ٿيا تہ مون ڏٺو تہ روضَہءِ رسول جو دروازو کلي پيو ۽ اندران آواز آيو:"اَدۡخِلُوۡا الۡحَبِيۡبَ اِلَى الۡحَبِيۡبِ يعني محبوب کي محبوب سان ملائي ڇڏيو." پوءِ پاڻ رَضِىَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي سرڪار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پهلو (پاسي) ۾ دفن ڪيو ويو.

(الخصائص الکبريٰ، باب حياته في قبره۔۔الخ، ج۲، ص۴۹۲)

وہ یارِ غار بھی ہیں تو یارِ مزار بھی بُوبکر آج بھی تو ہیں ہر دَم نبی کے ساتھ



www.dawateislami.net

شيخِ طريقت،اَمِيرِ اهلسنَّت،باني دعوتِ اسلامي حضرتِ علّامہ مَولانا ابُو بلا ل محمد الياس عطّار قادِري رَضَوِي ضِيائي دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه پنهنجي رسالي ”عاشقِ اڪبر“صفحي 43 تي بيان ڪيل روايت ڪان بعد اِرشاد فرمائن ٿا:” مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! غور فرمايو! جيڪڏهن سيّدنا ابوبڪر صديق رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي زنده نہ سمجهن هان تہ هرگز اهڙي وصيت نہ فرمائن ها تہ روضي پاڪ جي سامهون منهنجو جنازو رکي نبي رحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان اجازت طلب ڪئي وڃي، حضرت سيّدنا صديق اڪبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ وصيت ڪئي ۽ صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان اها وصيت پوري ڪئي، جنهن مان ثابت ٿيو تہ حضرت سيّدنا صديق اڪبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ ۽ تمام صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جو اهو عقيدو هيو تہ محبوب پروردگار ٻنهي جهانن جا مالڪ ۽ مختار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وصال ڪان پوءِ بہ قبر اندر زنده ۽ حيات آهن تصرّف ۽ اختيار تي قادرآهن. اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ عَزَّوَجَلَّ!

تُو زِنده ہے وَاللہ تُو زِنده ہے وَاللہ　　مرے چشمِ عالَم سے چُھپ جانے والے

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب!　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بَيان جو خُلاصو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄ جي بيان ۾ اسان عاشقِ اڪبرحضرت سَيدُنا صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ جي عشقِ مُصَطَفٰي جي باري ۾ ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي.

عشقِ رسول ۾ جيڪو مقام حضرتِ سَيدُنا صديقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ کي حاصل آهي اهو ڪنهن ٻي کي نہ مليو. حضرت سَيدُناصديق اڪبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُ جي هرهر عمل ۾ عشقِ رسول جي جهلڪ نظر ايندي هئي،



www.dawateislami.net

جڏهن بہ موقعو مليو تہ فرمانِ مُصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تي پنهنجو مال، اَولاد ايستائين جو پنهنجي جان قربان ڪرڻ ڪان بہ نہ ڪيٻايو. پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي هن بي پناہ مَحبَّت ۽ وارفتگي تي خُود رَسُوۡلُ اللّٰه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم حوضِ ڪوثر تي انهن کي پنهنجي رفاقت جي سند عطا فرمائي. پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ نہ صرف زندگي حُضُور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي اِطاعت ۽ پيروي ۾ گذاري بلڪ وصال ڪان پوءِ بہ ڪفن دفن ۾ پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي پيروي ڪرڻ جي وصيت فرمائي ۽ جهڙي طرح حياتي ۾ حُضُور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي قُربت نصيب تي اهڙي طرح وفات ڪان بعد بہ قرب جي شرف سان فيضياب ٿيڻ جي سعادت نصيب ٿي.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اها بہ خبر پئي تہ ۞ سچّو عاشقِ رسول اهو آهي جيڪو آقا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي پنهنجي جان و مال جو مالڪ سمجهي ۞ سچّو عاشقِ رسول اهو آهي جيڪو آپ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي سنّت کي اپنائيندو هجي ۞ سچّو عاشقِ رسول اهو آهي جيڪو ڏاڙهي وڌائي، عمامو سجائي، زُلف رکي، سمهڻ وقت سُرمو لڳائيندو هجي، تڏي تي سمهندو هجي، مِسواڪ اِستعمال ڪندو هجي، موقع جي مناسبت سان سنّت جي نيت سان مُرڪندو هجي، وغيره وغيره۞ سچّو عاشقِ رسول اهو آهي جيڪو پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي شريعت تي راضي هجي۞ سچّو عاشقِ رسول اهو آهي جيڪو "پنهنجي ڪردار ۽ گُفتار سان دِينِ اسلام جي مدد ڪري، پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي شريعت جو دِفاع ڪري ۽ سخاوت ۾ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي سيرت ِطيبہ کي اپنائي، ماءُ پيءُ ڀيڻ ڀاء،اولاد، عزيز رِشتيدارن تي مال خرچ ڪري، پنهنجي مال کي دِين جي مدد جي لاءِ اِستعمال ڪري۞ سچّو عاشقِ رسول اهو آهي جيڪو غُصي جي وقت قابو ۾ رهندو آهي، ۞ سچّو عاشقِ رسول اهو آهي جيڪو صبر ڪرڻ وارو هجي ۞ سچّو عاشقِ رسول اهو آهي جيڪو عاجزي اِختيار ڪري ۞ سچّو عاشقِ



www.dawateislami.net

رسول اهو آهي جيڪو مصيبتن تي صبر ڪري۞ سچّو عاشقِ رسول اهو آهي جيڪو بڪثرت ذِڪرِ رسول ڪري۞ سچّو عاشقِ رسول اهو آهي تہ” جڏهن ذِڪرِ مصطفيٰ ٿئي تہ تعظيم ڪري، جڏهن پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو نالو مُبارڪ بڌي تہ آڱونا چمي جهومي، دُرود پڙهي۞ سچّو عاشقِ رسول اهو آهي جنهن کي پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مُلاقات وزِيارت جو تمام گهڻو شوق هجي ۞ سچّو عاشقِ رسول اهو آهي جيڪو قرآنِ ڪريم سان بہ مَحَبَّت ڪري۞ سچّو عاشقِ رسول اهو آهي جيڪو پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنت تي عمل ڪرڻ سان گڏوگڏ اوهان جي حديثِ مُبارڪ پڙهڻ جي چاهت رکندو هجي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو ! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (12)

سُنّتيں عام کريں دين کا ہم کام کريں ۔ نيک ہو جائيں مسلمان مدينے والے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ڳالهه ٻولهه ڪرڻ جون سنتون ۽ آداب

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اچو شيخِ طريقت، اميرِ اهلسُنَّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي

[12] ... مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،١/٩٧،حديث:١٧٥



www.dawateislami.net

رسالي ”101 مدني گل مان ڳالهه ٻولهه جي باري ۾ ڪجهه سنتون ۽ آداب ٻڌون ٿا.

پهريان ٻہ فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ملاحظ فرمايو: فرمانِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: " جيڪو چُپ رهيو ان نجات حاصل ڪئي.[13] هر ان شخص تي جنّت جو داخلو حرام آهي جيڪو بي حيائي جي ڳالهه ڪندو آهي.[14] ۞ مسڪرائي ۽ خوش اخلاقيءَ سان ڳالهه ٻولهه ڪيو ۞ مسلمانن جي دلجوئي جي نيّت سان ننڍن سان شفقت وارو ۽ وڏن سان ادب وارو لهجو اختيار ڪيو اِنْ شَآءَ اللهُ عَزَّوَجَلَّ ثواب ڪمائڻ سان گڏوگڏ ٻنهي وٽ اوهان مُعزّز رهندو . ۞ وڏي آواز سان ڳالهائڻ جيئن اڄڪلهه دوست پاڻ ۾ بي تڪلفي سان ڳالهائيندا آهن، اهو سنّت نہ آهي۞ ڪٿي هڪ ڏينهن جو ٻار ڇو هجي سنين سنين نيتن سان ان سان ٻہ اوهان توهان سان گفتگو ڪرڻ جي عادت بڻايو، اوهان جا اخلاق بہ اِنْ شَآءَ اللهُ عَزَّوَجَلَّ عمدا ٿيندا ۽ ٻار بہ آدب سکندو ۞ ڳالهه ٻولهه ڪرڻ وقت پردي جي جاءِ تي هٿ لڳائڻ، آڱرين سان بدن تان مير لاهڻ، ٻين جي سامهون بار بار نڪ کي هٿ لڳائڻ، يا نڪ يا ڪن ۾ آڱر وجهڻ، ٿُڪ اڇلائڻ سني ڳالهه ناهي، ان سان ٻين کي ڪراهت محسوس ٿيندي آهي.

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مکتبة المدينہ** جي شايع

---

13…ترمذی،کتاب صفة القيامة،باب(ت:۱۱۵)،۲۲۵/۴،حديث:۲۵۰۹

14…موسوعةلابن ابی الدنيا،کتاب الصمت …الخ،ذم الفحش والبذاء،۲۰۴/۷،رقم:۳۲۵



www.dawateislami.net

تيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بهارِ شريعت" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "سنتيں ۽ آداب" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن پريو سفر آهي.

علم حاصل کرو، جہل زائل کرو　　پاؤ گے راحتیں، قافلے میں چلو
سنتیں سیکھنے،تین دن کے لیے　　ہر مہینے چلیں، قافلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن پري اِجتماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### (1) جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي ته جيڪو شخص هر جمعرات (جمعه ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت به ايستائين هو ڏسندو ته سرڪار مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.

(افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151 ملخصًا)



www.dawateislami.net

### (2) سمورا گُناهه مُعاف

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰی اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيکو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيکڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهه معاف کيا ويندا.(15)

### (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّدٍ

جيکو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن. (القول البديع، الباب الثانی، ص277، )

### (4) ڇهه لک دُرودشريفن جو ثواب

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِیْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَیْهِ رَحمَۃُ اللہِ الھَادِی کن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي. (افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149 )

---

[15]...افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65



www.dawateislami.net

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ کَمَا تُحِبُّ وَ تَرضٰی لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اکبر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ کرام رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.(16)

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَکَ یَوْمَ الْقِیَامَةِ

شافع امم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.(17)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

---

[16]...القول البديع، الباب الاول، ص125

[17] ... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١



www.dawateislami.net

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَی اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَاللّٰهُ تَعَالٰی عَنۡهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.(18)

## (2) جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيۡمُ الْكَرِيۡمُ ، سُبۡحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبۡعِ وَرَبِّ الْعَرۡشِ الْعَظِيۡم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساکر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

---

[18]… مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فی كيفية الصلاة…الخ،254/10،حديث:17305



www.dawateislami.net